# مدينو پاڪ

# (بهرين اسلامي رياست)

ڊاڪٽر محمد اشرف سمون☆

مديني پاڪ ۾ دنيا جي بهرئين اسلامي رياست جو قيام جناب حضرت محمد ﷺ ۽ مديني جي مقامي ماڻهن جي هڪ عمراني ٺاهه سان وجود ۾ آيو. رياست جي قيام سان ئي هزارين قبائلي عرب هن حڪومت ۾ ان عمراني معاهدي تحت شامل ٿيڻ لڳا. جڏهن ته ان معاهدي کان بهريائين* عربن جي حالت تمام گهڻي ابتر هئي، پوري عرب علائقي ۾ چئني پاسن کان افراتفري، گوڙ ۽ بدامنيءَ جو عالم هو، هر شخص پاڻ کي آزاد سمجهندو هو، قبائلي زندگي هئي، نه ڪو قانون هو نه حڪومت، هر وقت جنگيون ۽ جهيڙا ٿيندا رهندا هئا، نه ڪو داد هو نه فرياد، جيڪو زورآور قبيلو هو سو پاڻ کي مٿاهون سمجهندو هو. عربن جي تاريخ جو هي اهو دور هو جنهن کي خود عرب مؤرخن دور جاهليت جو نالو ڏنو آهي. عرب مؤرخن ان عهد جي تاريخ هن ريت لکي آهي:

”عربن کي پنهنجي آزادي سڀ کان زياده عزيز هئي، آزاديءَ لاءِ هو جان ڏيڻ کان به پوئتي نه هٽندا هئا، پنهنجي عرب سردار کي هو سڀ ڪجهه سمجهندا هئا، پر ڪابه انڌي تقليد نه ڪندا هئا پنهنجي معاملن ۾ هو آزاد هوندا هئا، ٻئي ماڻهوءَ جي بيعزتيءَ ۾ پنهنجو منصب سمجهندا هئا، هر مسئلي جو حل صرف ۽ صرف تلوار کي سمجهندا هئا“